ڊاڪٽر تهمينه مفتي

# پيار جي هڪ صدي
## (رفيق سومري جي نوويلا ”انساني تماشو“ جو اڀياس)

***Abstract***

**Centenary of Love 2014 - 1914**
**A study of novella “Human Drama” by Rafeeque Soomro**

*Here a thorough analysis of short stories developed in the evolutionary period of ran gig from 1914 to 2014 has been done. The study is formed on the influence of short stories written in other languages on its form, subject based on the political freedom movement, culture, changing of life style with time into traditions. Sindhi short stories were also translated into other languages. The stories written were based on the dialogues by characters presenting the social reality in a powerful manner. Specially psychological problems with the passage of time with changing subjects a powerful form of short story novella which was first presented by Rafeeque Soomro a writer a thinker in 1970. His stories are based on the reality and the outcome of this form of story after the experiments on different subjects the dialogue and reaction are interconnected and the beginning and end of the story are prominent _ influence the novel. Novella originated from Italy. The stories in the form of Novella can only be understood only by those who are fully aware of the circumstances, customs, traditions and the problems with their solutions, i.e intelligent with all his senses fully alert. The form of Novella is well presented in the light of the definition in Britannica. The then the content, manifestations of ideas and emotions has been well presented. The trend and style of manifestations, where the original state can be expressed with full strength has been successfully reproduced by Mr. Soomro which is the quality of Novella.*

**جديد سنڌي ڪهاڻي جي اوسر ۽ ارتقا ڪي سؤ سال پورا ٿيا آهن. مجموعي طرح سنڌي ڪهاڻيءَ جو تاجي پيڙهو حقيقت نگاريءَ سان ئي اڏيل آهي. 1914ع ۾ لعل چند امرڏني مل جڳتياڻيءَ جي ”حُر مَکِيءَ جا“ شايع ٿي. جنهن جي هيئت يا form فرانس جي رپورتاز تي آڌاريل آهي. هي مختصر ڪهاڻي آهي**

جنهن ۾ حُر تحريڪ ۽ جدوجهد جو پس منظر هند ۽ سنڌ ۾ انگريز سرڪار جي ظلم ۽ غلامي جو چٽو عڪس آهي. شيخ اياز جي ڪهاڻي ”سفيد وحشي“ به انگريزن جي خلاف هڪ آزادي ۽ جدوجهد جي ڪهاڻي آهي.

1942ع ۾ هندستاني چونڊ ڪهاڻين مان ڪجهه منگهارام ملڪاڻي انگريزي ۾ Short Stories of Indian Life ۾ ڇپرايون هيون. جن ۾ به اصلوڪيون ڪهاڻيون آسانند مامتورا جي ”ڳنوارڻ“ ۽ امر لعل هنگوراڻي جي ”ادو عبدالرحمٰن“ شامل هيون. ان مجموعي جي ڪهاڻي ”ادو عبدالرحمٰن“ کي شاهڪار سنڌي ڪهاڻي مڃيندي UNESCO وارن 1945ع ۾ انگريزي ڪهاڻين جي منتخب مجموعي ۾ ڇپائي 1954ع ۾ ساهتيه اڪاڊمي دهلي بهترين هندستاني آکاڻين جي انتخاب ۾ به ڪهاڻي ”ڳنوارڻ“ شامل ڪئي هئي. 1963ع ۾ حشو ڪيولراماڻي Sindhi Short Stories ۾ ”ادو عبدالرحمٰن“ انگريزي ۾ ترجمو ڪيل مجموعي ۾ شامل ڪئي. 1967ع ۾ ساهتيه اڪاڊمي ليکراج تلسياڻي جي ”منجري ڪولهڻ“ کي شامل ڪيائون جيڪا انگريزي ترجمو ڪئي وئي هئي.

مٿين ڪهاڻين مان، ”ادو عبدالرحمٰن“ هيئت جي لحاظ کان، مڪالمن جي آڌار تي ڪردار نگاري ۽ سماجي حقيقت نگاري هئي. ڳنوارڻ به نفسياتي الجهن ۽ فرائيڊ جي فلسفي جي اثر هيٺ لکيل آهن. گهاٽي ۾ سياسي تحريڪ ۽ سماجي پس منظر نمايان آهي.

جديد سنڌي ڪهاڻي جنم جا سؤ سال پوري ڪري چڪي آهي. هن صنف جي اوسر ۽ ارتقا جا سڳا، روايتي لوڪ ڪهاڻين ۽ ڪٿائن سان ٻڌل آهن. جيئن مٿي ذڪر ڪيل آهي ته مجموعي طرح سنڌي ڪهاڻي جو تاڃي پيٽو، حقيقت نگاري سان ئي اڻيل آهي. جيئن ته ڪهاڻي ارڙهين صدي جي پيداوار آهي پنهنجي ڊرامن ۾ موضوعن جي انڊلٽ ساڻ ڪٽي آئي. نه صرف موضوع تي پر فني طرح مختصر هجڻ، ڪردارن، واقعن، مڪالمن ۾ ربط جي هڪ نشست ۾ پڙهي پورو ڪرڻ جي پابندي قبول ڪئي. لعل چند امرڏني مل جڳتياڻي جي ”حُر مُکي جا“ جي هيئت يا form ۽ فن (فرانسي) رپورتاز تي آڌاريل آهي. هن ڪهاڻي ۾ تاريخ

ڪردار آهي. آزاديءَ جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڪردارن ڪي شامل ڪيو ويو آهي. ليکڪ پنهنجي دؤر جي سياسي ۽ سماجي ماحول جي تصوير پيش ڪئي آهي. جديد ڪهاڻي/افساني جا ٻيا ليکڪ جن ڪهاڻي کي فن ۽ نواڻ سان لکيو تن مان امر لال هنگوراڻي جي "ادو عبدالرحمان" Monologue ۾ آسانند مامتورا جي جديد خيال ۽ نظريي تي ٻڌل "ڳنوارڻ" ۽ ليکراج تلسياڻي جي "منجري ڪولهڻ" ذات پات ۽ عورت جي جذبن کي اهميت ڏيڻ جي لحاظ کان جديد ڪهاڻيون آهن. جن ۾ "ادو عبدالرحمان" ۽ جي ٻيون ڪهاڻيون فن ۽ هيئت جي لحاظ کان فليش بيڪ ۽ آخر ۾ اثرائتي واقعي کي پلاٽ طور ڪتب آندو آهي. هنن ڪهاڻين سنڌي ڪهاڻيءَ کي جدت ڏانهن موڙي ڇڏيو آهي. اردو ۾ به منشي پريم چند جو افسانو فن جي حوالي سان "شڪوه شڪايت" (Monologue) خود ڪلامي جي حوالي سان آهي. احمد علي جو "هماري گلي" رپوتاز آهي. هن ۾ هڪ ڪردار نه پر سڄي گليءَ ۾ ٿيندڙ هلچل ۽ زندگي بابت هڪ خاڪو آهي. جنهن ۾ اردگرد جي ماحول کي پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو خارجي آهي. سنڌي ادب جو هڪ ٻيو ليکڪ ع.ق شيخ جنهن رپوتاز جي هيئت ۾ "حيدرآباد" جي عنوان سان تحرير ڪئي. جنهن ۾ شاهي بازار جو منظرنامو ۽ پيش منظر (ڊسمبر 1947ع) جي تصوير ڪشي ٿيل آهي. جنهن ۾ خارجيت ۽ داخليت ڀرپور نموني ۾ بيان ٿيل آهي. هن ۾ داخليت ڀرپور نموني بيان ٿيل آهي. هن ۾ ليکڪ پاڻ ٻيا ڪردار آهن. جن جا مختصر مڪالما ۽ سپاءُ واضع آهن جنهن ڪهاڻي کي تاريخي حيثيت ڏني آهي. اهڙي ريت سنڌي ادب جي نالي واري ليکڪ، اديب ۽ شاعر شيخ اياز جون ڪهاڻيون، به جدت ۽ لاڙن جي حوالي سان، اهميت رکن ٿيون جيئن ڪلٽي، هن ڪهاڻي ۾ عورت جي ڪردار جي ڇپن تي تالابندي آهي ۽ اظهار کي لاچار ڏيکاريو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پاڻ ڪردار آهي جيڪو دور رهندي به دور رهڻ نه ٿو چاهي. اهڙي ريت اياز جي ٻي ڪهاڻي "سفيد وحشي" ۽ ٻيون ڪهاڻي ڪيتر ۾ اهم آهن، اهڙي طرح سنڌي ادب ۾ ٻين ليکڪن پڻ ڪهاڻي کي فن ۽ ٽيڪنيڪ سان سنواريو. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ليکڪن ۽

ليڪڪائن سنڌي ادب کي جيڪي اعليٰ ڪهاڻيون ڏنيون تن ۾
رفيق سومرو، شبنم گل، رسول بخش، ڪيهر شوڪت، اخلاق
انصاري، اسحاق انصاري، جان خاصخيلي، حفيظ ڪنڀر، عزيز
ڪنگراڻي، منظور ڪوهيار، فاطمه پرڳڙي ۽ ٻيا جن ڪهاڻيون
لکيون آهن تن پنهنجي فن ۽ تجربي سان ڪهاڻي جي صنف ۾
نوان

خيال ۽ موضوع شامل ڪيا آهن. سندن داخلي ڪيفيت ۽ خارجي مشاهدي لکڻ جي حوالي سان نواڻ ۽ جدت جو اظهار آهي جنهن ۾ اسحاق انصاري جو ننيڍڙيون مختصر ڪهاڻيون ڏيان ڇڪائيندڙ آهن جن ۾ "ماني ڪائڻ سان انسان مري ويندو آهي" ۽ "فلاءِ اوور". منظور ڪوهيار جون لکيل ڪهاڻيون "پونورن جي انتظار ۾" فن جي حوالي سان اهميت رکن ٿيون. اخلاق انصاري جو لکيل ڪتاب "مان ڪائنات آهيان" جن ۾ "خيالن جي ٻيڙي" ماضي ۽ حال جي لهرن تي ترندي اندر جي احساس کي جاڳائي ٿو.

ڪهاڻي هڪ مختصر قصو يا ڳالهه آهي جنهن ۾ عمل ۽ ردعمل عروج ۽ انجام هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙن ٿا ۽ ليکڪ زندگي جو اپياس ڪري ٿو ۽ اهڙي ڪهاڻي تخليق ڪري زندگي کي بيان ڪري ٿو، ڪهاڻي ۾ مجاز ۽ اشارتي تصوير ڪشي سان گڏ، ذهن سوچيندڙ اچي ان ڪري ئي ڪهاڻيون ڪيتريون ئي آهن ۽ ان سان گڏ ڪيتريون ئي هيئتون، ٽيڪنيڪس ۽ فن اڀري اچي ٿو. ڪهاڻي يورپ جي هجي يا هند ۽ سنڌ جي هن ڪيترائي سفر طئي ڪيا آهن. سنڌي ڪهاڻي پنهنجو بنياد رکندي، نواڻ کي قبول ڪيو آهي. سنڌي ڪهاڻي فن، هيئت اسلوبي، طريقه ڪار ٻين ٻولين خاص ڪري انگريزي سان قبول ڪندي اختيار ڪيو آهي. اها حقيقت آهي ته ڪنهن به واقعي کي بيان ڪرڻ لاءِ فنڪار، ليکڪ، ان کي پيش ڪرڻ لاءِ سوچي ٿو. اهو ئي هڪ اهڙو موڙ آهي جتي حقيقت ۽ تخيل هڪ ٻئي سان ملن ٿا. موضوع ۽ ٽيڪنيڪ اهم آهن پر فن مواد جو غلام آهي ۽ تخيل عقل جو.

ايلزبيٿ جون جي سوچ موجب "ڪهاڻي لاءِ هڪ اهڙو اثر گهرجي ٿو جيڪو لکڻ وارو شدت سان محسوس ڪري ۽ ان تي لکڻ لاءِ مجبور ٿي. ان کان بعد سوچ ۽ محنت سان اسلوب کي

سجاڳي."[1]

اردو ادب جي ليکڪا ممتاز شيرين لکي ٿي ته: "افساني جي تعمير ۾ ٽيڪنيڪ هڪ اهم جزو آهي پر مڪمل ۽ خوبصورت ڪهاڻي ان وقت تيار ٿيندي جڏهن مواد سٺو هجي. اسلوب ۽ بيان چڱو هجي. فنڪار انهن سڀني کي ڳوهي هم آهنگ ڪري ۽ انهن کي صنائيءَ ۽ چابڪ دستيءَ سان اهڙي سهڻي شڪل ڏي جو مواد ۽ هيئت ۾ ڪو ئي فرق نظر نه اچي اسان پڙهي ائين نه چئون ته ڪهاڻي/ افساني جو مواد يا ٽيڪنيڪ ڀلي آهي، پر اهو چوڻ تي مجبور ٿيون ته افسانو ڀلو ۽ سٺو آهي."[2]

ڪهاڻي جو هڪ نواڻ، جديد مختصر ڪهاڻي جي لاءِ اهم آهي، جو مختصر ڪهاڻي جو هڪ پنهنجو اسلوب آهي، بيان جي سونهن، انفرادي طرح منفرد اظهارن، جنهن هڪ صورت اختيار ڪئي آهي. جنهن منفرد طرح هڪ مڪمل هڪ صورت اختيار ڪئي آهي. تنهن ٻولي جا لفظ، لهجو، تشبيهون، استعارا، جملي ۽ پيرابندي، بيانيه انداز اسلوب جا اهم جزا آهن جيتوڻيڪ، فني گهرجون ڪهاڻي جهڙيون ئي آهن. پر، ان جي لاءِ، حاضر دماغي ۽ موضوع کي سمجهڻ لاءِ پڙهندڙ به پنهنجي آسپاس واري ماحول کان واقف هجي. ان ڪري هن ڏنل وصف جي روشني ۾ اها ڏسجي ته ڪهڙيءَ ريت جديد ڪهاڻي/افساني جي ٽيڪنيڪ، تنوع واري پهلو ۽ زندگي کي پرکي ٿي.

ٽيڪنيڪي تنوع صرف جديد ڪهاڻي/افساني جي پيداوار آهي ڇاڪاڻ ته اڄ جو ادبي ميدان وسيع ٿيندو پيو وڃي، جديد ڪهاڻي/ افساني ۾ اهو ئي تنوع آهي جو زندگي ۾ آهي. نئين مواد سان گڏ نئين فن سان تجربا ٿيا آهن ۽ ڪي ٿي رهيا آهن مثلاً: تصوير ڪشي يا بيان. اهڙو بيان جنهن ۾ مڪالمو ۽ عمل، جڙيل، مليل آهن. فن ۾ ڪهاڻي/ افسانو جي آغاز ۽ انجام کي وڏي اهميت حاصل آهي. پراڻا افسانا طويل منظرن جو بيان هوندو هو ۽ هاڻي شروع ۾ ئي موضوع کي گرفت ۾ رکيو وڃي ٿو. سو سنڌي ادب ۾ به تجربا ٿيا آهن ۽ جاري آهن. مثلاً مختصر ڪهاڻيون جيڪي ننڍن وڏن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجن پيون ۽ هاڻي هڪ نئين طرز جنهن کي ناويلا Novella چئجي ٿو. هي پنهنجي

تعليم جي دوان خاص طرح ناول جي وصف پڑهندي، رڳو هٽندا هياسين ته، Novel [Novella] مان نڪتل آهي پر حقيقت هي آهي هي لفظ نوويلا آهي جنهن ناول تي اثر وڌو. هر موضوع ۽ مواد کي ڏارڏار فن ۽ ٽيڪنيڪ جي ضرورت پوندي آهي. جمالياتي تاثر، احساساتي گهرائي پيدا ڪرڻ لاءِ مناسب جوڙجڪ جي ضرورت پوندي آهي.

صنف نوويلا هڪ نڌي عام طرح تي ٻڌل، اعليٰ بياني چپندڙ طرز ۽ لهجي ۾ تخليق ٿيل فني صورت آهي. انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا لکي ٿي ته:

> Novella, short and well structured, narrative after realistic and satiric in tone, that influenced the development of the short story and the novel through Europe. Originating in Italy during the middle ages the novella was based on local events that were humorous, political or amorous in nature the individual tales often wee gathered into collection along with anecdote, legends, and romantic tales. Writers such as a Givoanni Boccaccio, Franco Sacchetti and Matteo Bandello latter developed the novella into psychologically subtle and highly structured short tale, often using a frame story to unify the tales around a common theme.[3]

نوويلا هڪ ننڍي عام طرح حقيقت تي ٻڌل، بهترين هيئت ۾ اٽيل بيانيا اسلوب، انداز ۽ چپيندڙ پهلو واري ڪهاڻي آهي جيڪا پوري يورپ ۾ مختصر ڪهاڻي ۽ ناول جي اوسر تي اثر انداز ٿي. نوويلا يورپ جي وچين دور ۾ اٽلي ۾ سرجي ۽ ان جو بنياد، داخلي واقعن، سياستي، ڪل پوڳ، وندر سان گڏ مثالي ڪردار Legends عشقيه ۽ رومانوي موضوعن تي ٻڌل هيون. سموري مواد کي جدا جدا ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو ويو ۽ انهن کي مجموعن جي صورت ۾ گڏ ڪري آندو ويو. نوويلا جا پهريان ليکڪ هي هئا. 1.

گائوينني بوڪيشو (Giovanni Boccaccio)، 2. فرينڪو شڪي (Franco Skhetti)، 3. ميٽو بينڊلو (Matteo Bandello) شامل آهن. مٿي ڏنل جن ليکڪن جو ذڪر ڪيو ويو انهن نوويلا کي وڌيڪ نفسياتي، نفيس ۽ نازڪ ۽ صحيح نموني ۾ تجربو ڪري ان ۾ مشڪل پسنديءَ کي ڪتب آڻيندي. چالاڪي ۽ ذهانت سان اڻ سڌي طرح مواد کي نوويلا جي هيئت کي اعليٰ فني سٽاءُ سان ڳالهه ۾ شامل ڪري هٿي وٺرائي. جنهن ۾ هڪ موضوع جي چوڌاري ڳالهه کي يڪجا ڪري ڪهاڻي کي نهايت ئي اعليٰ هيئت ۾ تخليق ڪيو. نوويلا جي صنف کي انگلينڊ ۾ جيفري چاسر (Geoffrey Chaucer)، The Tales of Canterbury جي عنوان سان متعارف ڪرايو. الزبيٿن (Elizabethan) دور ۾ شيڪسپيئر ۽ ٻين ڊراما نويس، اطالوي نوويلا مان ڊرامن جا تر (Plot) ڪڍي جوڙيا اهڙين آکاڻين جي (Tales) حقيقت پسندانه مواد ارڙهين صديءَ جي انگريزي ناول تي پنهنجو گهرو اثر ڇڏيندي ناول جي اوسر ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

اهڙيءَ طرح اڻويهين صديءَ ۾ مختصر ڪهاڻي ( Short Story) ارتقا ۽ اوسر تي اثر ڇڏيا. نوويلا جي واڌ ويجهه ۾ ارڙهين صدي، اڻويهين صدي ۽ ويهين صدي اهميت رکن ٿيون. هينرچ، گرهٽ ڊي، جي _ ڊبليو وان، ٿامس مين ۽ فرانز ڪافڪا جي لکڻين ۾ نوويلا جو چٽو عڪس نظر اچي ٿو. جرمن نوويلا گهڻو ڪري هڪ ڪهاڻي جو فريم ۽ بنياد آهي، جنهن ۾ بيچيني ۽ ڪرب پيدا ڪرڻ ۽ محسوس ڪرڻ وارا موضوع جيڪي حقيقي ۽ خيالي به هئا اهي نوويلا جي دائري (Scope) ۾ شامل آهن. جن موضوعن تي ذڪر ڪيل ليکڪن لکيو. اهي موضوع هي هئا. جنگ، پليگ، ۽ ٻوڏ وغيره ۽ بدقسمتيءَ وارين حالتن مان گذرڻ وغيره. نوويلا مان ئي جديد مختصر ڪهاڻي ( Modern Short Story) جرمنيءَ ۾ جنم ورتو. نوويلا جي منفرد Unique Form هيئت جوڙجڪ ۾ وحدت Unity Form طرز (Style) انداز جاءِ والاري ورتي. هي اهي حالتون ۽ واقعا هئا جن نوويلا کي جنم ڏنو ۽ سنڌي ادب جي نامياري ليکڪ رفيق سومري به پنهنجي تحريرن ۾ نوويلا تي طبع آزمائي ڪئي جنهن جو عنوان ”انساني تماشو“ آهي.

رفيق سومرو 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعات کان پنهنجي لکڻ جي شروعات ڪئي سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”انسان جي ڳولا“ 1977ع، ٻيو ”مٽي سنڌو مامرو“ 1994ع ۾ پڌرا ٿيا ”پيار جي هڪ ٻئي صدي“ رفيق سومري جو ٽيون ڪتاب جيڪو 2011ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ نوويلا ڪهاڻيون، خط، پروفائيل ۽ تاثر شامل آهن. هن ڪتاب جو اهم حصو نوويلا آهي جنهن ۾ ليکڪ نئين فن (Technique) نئين اسلوب، ڊڪشن (Diction) کي متعارف ڪرايو آهي. جيئن ته سندس تحريرن تي ٽيڪا ٽپڻي به ٿي آهي پر گڏوگڏ سندس ڪهاڻين جي معيار، اسلوب تي پڻ هڪ راءِ قائم ٿي چڪي آهي. جنهن ۾ امر جليل جو مُهاڳ اُمهاڳ، ممتاز مهر جو تعارف اهم آهن. رفيق سومري پنهنجن ڪهاڻين ۾ Monologue مڪالمن ذريعي زندگيءَ کي تخليق ڪيو آهي. سندس ڪهاڻيون، حقيقت پسندي جو اهڃاڻ آهن. ڪهاڻين ۾ نفسياتي الجهن به نظر اچي ٿي. جيئن ”اڻ ڏانيڪو من“، ۾ عورت جو ڪردار مونولاگ جي ذريعي تخليق ڪيو ويو آهي، نوويلا ۾ ليکڪ، جي ذهن جي هڪ ڪيفيت جو اظهار آهي. ڪردار ائين ڇو آهي؟ تنهن جو جواب ان جي معروضي حقيقتون ڪردار جون لڪيل الجهنون ۽ نارسايون آهن جن کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪي اسان جي سماجي جوڙجڪ، مزاج، روين ۽ تضادن کي ظاهر ڪن ٿا. ڪهاڻي وانگر ٿي ٿئي.

محرومين جو ڇچ ڪردار کي چنڊي ڦوڪي اصل کان ڌار ڪندي ڦٽو ڪري ٿو ڇڏي رفيق سومري جي تمام ڪهاڻين ۾ اهڙو رويو اوليت رکي ٿو محرومين ۽ قسمت جا ماريل ڪردار هيٺين ۽ وچولي طبقي جا ڪردار، ڪهاڻي ۾ گهندا رهن ٿا.

هڪ ٻئي سان ڳالهه ٻولهه ڪند، پنهنجو پاڻ سان Monologue پڻ پڻ ڪندا پنهنجيءَ ڳالهه کي بيان ڪن ٿا. پريشان، ضدي ۽ ڏکايل ڪردار، ساهه ڪٽندا، پنهنجون صليبون ڪٽندا هلن ٿا. رفيق سومري جو لاڙو ۽ اسلوب جذبن جو بي خوف اظهار آهي. سندس ذاتي زندگيءَ تي حالتن جو گهرو اثر آهي. جيتوڻيڪ معاشي حالتن ۽ ريتن رسمن جو اوڙاهه ڪيس سون ڪري ڇڏيو پر اولاد جي بي وقتائتي وڇوڙي جي ڏک ڪيس ڀڃي

پورا ڪري ڇڏيو. جنهن ڪيس نفسياتي ۽ جسماني طرح اذيت ڏيڻ واري درجي تي آڻي ڇڏيو هو گهٽو پڙهيل، سمجهه ۽ سوچ رکندڙ شخصيت جو مالڪ هو انهن حالتن مان هو نڪري نه سگهيو ۽ جڻ ته حالتن جي ڏبڻ ۾ ڦاسي پيو هو سندس ڪهاڻيءَ جو ڪردار ”پرم پتي“ به ٽڪڙ هو معنيٰ تن پينرن ڪان پوءِ جائو هو. رفيق به ٽڪڙ هو. وهم وسوسن ۽ حالتن ڪيس درد جي دنيا طرف ڌڪي ڇڏيو ۽ اهي سڀ حالتون ڪنهن به فن پاره ۾ پنهنجو رول ادا ڪن ٿيون. افسانوي ادب ۾ ڪهاڻين ۾ ننڍپڻ جا منفي اثر ۽ حالتون ڪردارن جي ذهن ۾ ڪيئن گهر ڪري ويهن ٿا ۽ ان جا شخصيت تي ڪيئن ته اثر ڇڏين ٿا. ان جو اظهار تمام گهرائپ سان سومري جي تحريرن ۾ ظاهر ٿيو آهي ۽ انهن ۾ ”مان ڇو لڪان“ جي شروعات ئي هنن سٽن سان ٿئي ٿي ”ننڍپڻ ۾ يتيم ٿيڻ، سندس ماءُ جو پورهيو ڪرڻ جنهن جي ڪري هوءَ به پورو پيار نه ٿي ڏئي سگهي، سندس ڪير سڪي ويو مان ماءُ جو ڪير پيڻ بدران آڱوٺو چوسڻ لڱس پين پارن تي خار ڪائڻ، اندر ۾ پڇرڻ ۽ ڪامڻ اهو هو منهنجو ننڍپڻ ۽ ننڍپن جا احساس، جيڪي منهنجي ميراث آهن، جن ڪي مان زندگيءَ ۾ هڪ پل لاءِ به وساري نه سگهيو آهيان.“[4] اهڙي نموني ڪهاڻي ٿائينڪو من پدم پتي جي ڪردار، ۽ رفيق جي ڪردار ۾ مماثلت ۽ هڪ جهڙائي آهي. ”پدم پتي“ سندس محرومين، پيار جي اڻاٺ، نپاڱو هجڻ جو احساس ڏيارڻ، اذيتناڪ ڪيفيتن ۽ احساسن کي ظاهر ڪندو ڇٽو ڏسجي ٿو رفيق پاڻ اهو ڪردار آهي.

سندس لڪٽين ۾ رومانيت آهي ته تلخ ۽ ڪڙي حقيقتن جو ادراڪ پڻ آهي. فلسفيانه ۽ نفسيات پڻ سندس لڪٽين ۾ چانئيل آهي رفيق سومرو پنهنجي سماج کان ڏار نه ٿيو آهي جذبيات جو اظهار ڪندي هن، زندگي، قسمت ۽ تقدير جي پوائتي ڇهري کي ڏيکاريو آهي.

رفيق سومري جي تخليق ”پيار جي هڪ ٻي صدي“ ڪهاڻي ۽ نوويلا جيڪو ”انساني تماشو“ جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ نوويلا جون ٽيٽيهه نثري ڪهاڻيون شامل آهن جيڪو نئون مواد آهي. نئين هيئت (Form) ۾ فن ۾ لکيل آهي

آڪسفورڊ ڊڪشنري ۾ هن ڪي بياني ڪهاڻي ۽ ناول ( Narrative Short Story) چيو ويو آهي. پر بنيادي طرح اها Narrative Pointed Story آهي سندس نوويلا ۾ زندگيءَ جي تجربن ڪي بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ افسانوي ادب (Fiction) جا تمام جزا شامل آهن.

تجسس، اڻ تڻ، ٺهڪ، خوشي، غم، درد، ٺوڪ انسان جي ظاهر ۽ باطن سان لاڳاپيل تمام مثبت ۽ منفي روين، عملن کي هن ننڍڙي فريم ۾ فريم ڪري قيد ڪيو ويو آهي رفيق سومري جڏهن هڪ ادبي ڪچهري ۾ نوويلا جي پهرين ڪهاڻي پڙهي جنهن جو عنوان ”ويا نه موٽيا مسافر هن ماڳ جا“ پڙهي ته نوويلا جي ڪهاڻي ڪين سمجهه ۾ نه آئي، تنهن تي واري اچڻ تي محمد ابراهيم جويي هن جو جو ڏنو ”هي نوويلا ٽڪر اها شي آهي جيڪا انهن ڪي سمجهه ۾ آئي هوندي جيڪي هم تن گوش، هوشيار ۽ ماحول ڪان خبردار هوندا، سندن ذهن ڪن لاءِ پٽڪيو نه هوندو يا ڪنهن پي سوچ ڪو نه والاريو هوندو. هي نوويلا ٽڪر سچو اونداهه ۾ ويٺل همراهن اڳيان پڙهيو پي ويو. اوچتو ڪيمرا وانگر فليش لڳو ۽ اهو منظر رڳو ويٺلن ماڻهن ڪي نظر آيو جنهن جون اکيون کليل، ذهن حاضر ۽ ڌيان، آواز سان هم آهنگ هو انهن اهو عڪس جهٽي ورتو ۽ فليش فيڊ ٿيڻ ڪان پوءِ، جن اکيون ۽ ذهن کوليو، اُهي اجان پياسا رهجي ويا.“[5] (”ماڻهو جو پاڳ“ ۾ آيل جويي صاحب جون ڪهاڻيون جن جو تعداد پنج آهي. ناويلا جي هيئت ۾ لکيل آهن.)

مٿين وصف جي روشنيءَ ۾ مختصر ڪهاڻي ۽ نوويلا جي ڪهاڻي ۾ جيڪا نازڪ فني ليڪ آهي اها آهي نوويلا ۾ حالتن ڪان خبردار ماحول جي چاڻ جي روشني ۾ فليش جو روشن ٿيڻ، جنهن ۾ منظر صاف نظر اچڻ لڳي ۽ ڪهاڻي جي آخر ۾ يا جتي مصنف ليڪ فليش بيڪ کي ضرورت موجب استعمال ڪري. هن مختصر لفظن واري احساساتي نوويلا ڪهاڻي جيڪا احساسن جا عڪس جوڙي ٿي ۽ آرسيون ڏيکاري ٿي.

هي مختصر ڪهاڻي محاوري ۽ اظهار جي نواڻ آهي. ٻاهر خارجي ۽ داخلي ٿيندڙ عملن ۽ رد عمل جو بهترين طريقو ۽

استعمال آهي. اوچتو ٿيندڙ واقعا پڻ نوويلا جو حصو آهن جيئن ويهين صدي جي اهم ليکڪ ڪالڊ ويل جي نوويلا جا موضوع هي هئا، رنگ ۽ نسل، ڪاري اڇي جو سنگين معاملو يعني نسل ڪشي، بدامني، لاقانونيت ۽ دهشتگردي هو. ظلم، جبر ۽ ڏاڍ، ظالماڻا جرم، جنهن سماج کي لوڏي ڇڏيو هو. جيئن هن وقت اسان وٽ دهشتگردي، مذهبي انتهاپسندي، فرقيواريت، ٿورائي ۾ هجڻ، هڪ وڏو جرم آهن. انسانن جون منڊيون لاهڻ، نا انصافي، ننڍڙن ٻارن سان جنسي زيادتي، دهشت ڪري ٻارن جو قتل، اغوا ۽ زنده ٻارن، عورتن ۽ مردن کي ساڙي مارڻ جا رجحان سنڌي نوويلا جا موضوع ٿي سگهن ٿا. ڪالڊويل جنسي عمل سيڪس (Sex) تي پڻ لکيو.

نوويلا ”انساني تماشو“ جي ڪهاڻين بابت مصنف پاڻ لکي ٿو ته ”استبداد جو ڏکهو ۽ اڻ ڪٿ داستان ٿورن لفظن ۾ ڇٽن عڪسن ۽ فليش لائيٽ جي وسيلي اهي تصويرون ذهن جي ڪئنواس تي منعڪس ٿي سگهن ٿيون. جيڪي ٻين ذهنن ڏانهن منتقل ڪري سگهجن ٿيون. منهنجيون ننڍڙيون ڪهاڻيون نوويلا جي حصي جي صورت ۾ اهو سڀ ڪجهه بيان ڪرڻ جي ڪوشش آهي جنهن لاءِ ترتيب، وقت جي تنگي ۽ سٽاءُ جي ڀڃ ڪڙي ئي سهي پر اهڙي دهشتگرد دنيا جي مامرن جي اپٽار ۽ تلخ شيرين تجربن جو ذڪر ائين ئي بي ترتيب ٽڪرن وسيلي پاورفل انداز ۾ عڪس ۽ امپريشن ذريعي ئي ممڪن آهي. لکڻي جا ٽڪر پنهنجي ترتيب پاڻ سان گڏ ڪٺي ايندا ويندا ۽ هڪ ڪتاب نوويلا جڙي پوندو.“[6] ڪٿي ڪٿي، نوويلا جو سٽاءُ ڏکيرو آهي ۽ ان ۾ ليکڪ پنهنجو اندر اوتيو ۽ پلٽيو آهي لڪ لڪوٽي نه پر انهن سماجي روين کي وائکو ڪيو اٿائين. زندگي ۾ آيل حادثن، سندس ذهني ڪيفيت کي نفسياتي طرح، مونجهائي ڇڏيو هو. هو ان ڪيفيت مان نڪري نه سگهيو ان ڪي ئي تاثر Impression اظهار Expression ۾ هو ڪامياب ۽ برجستو آهي رفيق جي تحرير ۾ ڪٿي ڪٿي وچ ۾ ٻولي قافيه دار آهي جڻ ته (مقفي ۽ مسجع نثر جو رنگ هجي سندس پهريان ڏهه نوويلا خيالن جو تسلسل آهن الميه ۽ ڪرب جو اظهار آهن.

عشق ۽ ادب ۾ (11 نمبر) جنهن ۾ عشق جي حوالي سان تاريخي ڪردارن جي ذريعي ليڪ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. ايراني شاعره قرت العين جو موت، وليم بليڪ ۽ ڪارو ڪوجهو حبشي ٻار، فرانس جي ليڪ گستا و فلائير جو ناول مادام بوري انگلينڊ ۾ ڊي ايچ لارنس جو ناول ليڏي چيٽرليز لور جي ڪردار "ليڏي چيٽرلي" (جنهن جو هڪ هاري سان عشق ۽ لاڳاپو) جو ڪردار، گوگول جي اُووَرڪوٽ ۽ آمريڪن ليڪ ارسڪن ڪالڊويل جي لکيل "God's Little Care" تي ڪيس هلايو ويو ۽ سعادت منٽو ڪي "ٺنڊا گوشت" لکڻ تي ڪيس سبب ڪورٽ ۾ گهليو ويو چوڻ جو مقصد ته سچ لکڻ تي، سزائون ۽ سچ چوڻ تي، تخته دار ٿيڻ، دنيا جي کهڙي به ڪنڊ ۾ وڃجي، اهو سڀ ائين ئي ٿيندو رهيو آهي، ٿيندو رهندو پر عشق جا پنهنجا رنگ ۽ ڍنگ آهن. سيد علي هَجويري احسن القصص مان يوسف زليخا واري قصي کي پنهنجي سهڻي انداز سان بيان ڪيو آهي.

نتيجو: "ما زاغ البصر وما تغنيٰ" نه اک دنيا طرف ڏسڻ لاءِ پٽڪي ۽ نه ئي آخرت جي ڏسڻ لاءِ اک ٻي راهه ٿئي. رفيق سومري جي لفظن ۾ عشق جو مقام ته اهو آهي ته جيستائين حڪم نه ٿيو مازاغ البصر ما تغنيٰ نه ئي اک ٻئي پاسي پٽڪي ۽ نه ٻي راهه ٿئي ۽ محبوب جو فاصلو قوس قوسين جيترو هو.

ليڪ ادب لاءِ معيار مقرر ڪري ٿو سچائي سان ادب ۾ حد مقرر ڪرڻ ۽ بيان ڪرڻ. عورت ۽ مرد جي شخصيت تي پنهنجا ويچار، سماجيات، نفسيات ۽ فلسفي جي روشني ۾ پيش ڪيا اٿس.

"ڪونج ڪُوڪي پئي"، "مرون" اهڙي ئي خيال ۽ مقصد تي ٻڌل نوويلا آهن "پڇ ڳڇ"، "ڊائيلاگ 1"، "ڊائيلاگ 2"، "ڊائيلاگ 3" اثرائتا آهن جن ۾ عام سماجي روين کي بيان ڪندي اهڙو تاثر قائم ڪيو ويو آهي ته اهي ڪيئن انسان جي شخصيت تي اثر وجهن ٿا. "ڊائيلاگ 4" به نثر جو سهڻو ٽڪر نوويلا آهي.

انساني تماشو لکڻ لاءِ (رفيق سومري) سماجي روين ۽ غربت، يتيمي ۽ ڏکايل مرحلن وارو هڪ پس منظر مليو، جيئن

"For Whom the Bell Tolls" جي ناول Enernest Hemingway "اسپين جي خانه جنگي" جي پس منظر ۾ لکيل جنهن ۾ ماريه نالي عورت جي ماءُ پيءُ جو ڦاهي تي چڙهڻ ۽ ڦاشسٽن پاران سندس عصمت دري رومانس ۽ معروضي حالتون اهميت رکن ٿيون. ان ناول تي فلم به ٺاهي وئي.

رفيق سومري جي ڪهاڻين جو لاڙو ۽ اسلوب جذبن جو لفظي اظهار آهي جنهن کي Verbal Manifestation of Ideas and Emotions به چئجي ٿو جنهن مان مراد هيءَ آهي ته اصل ڪيفيت جي شدت کي بيان ڪرڻ وارو اسلوب ۽ لاڙو آهي. The Trend and Style of Verbal Intensity ۾ سڏيو ويندو آهي. انهيءَ طرز جي اسلوب ۾ پلاٽ جي حيثيت ثانوي ٿي ويندي آهي جيتوڻيڪ پلاٽ موجود ۽ مڪمل هوندو آهي رفيق سومري جون گهڻيون ڪهاڻيون اهڙي ئي اسلوب ۾ لکيل آهن. مثال جي طور "منهنجي دل جا اهرام" ۾ سندس اسلوب بدليل آهي جنهن جو هڪ سبب اهو آهي ته اسلوب جو دارومدار Content ۽ موضوع، Them تي هوندو آهي. ان ڏس ۾ رفيق سومري جي ڪهاڻين ۾ اسلوب جي ضرورت موجب اختيار ڪيل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ محروميت جا شڪار ڪردار، هيٺين ۽ وچولي طبقي جا ڪردار جيڪي روئيندا، ڪلندا گهاٽي ۾ گهندا رهن ٿا. عام ڳالهه ٻولهه جي ذريعي پنهنجي ڳالهه ٻولهه کي پورو ڪن ٿا پڙهندڙ سندس خيالن ۽ جذبن کي پرکي وٺي ٿو. رفيق سومري جي ڪهاڻين جي لاءِ هڪ راءِ اها به قائم ڪئي وئي ته سندس لکڻين تي ارنيسٽ هيمنگ وي، ڪرشن چندر ۽ امر جليل جي ڇاپ آهي منهنجي خيال ۾ رفيق جي ڪهاڻين مٿان مٿين ليکڪن جو اثر ته آهي پر ان جي تخليق جو پسمنظر هن جون داخلي ۽ خارجي حالتون ۽ سندس ذاتي زندگيءَ جي حوالي سان آهن. غربت، سماج، رويا، متضاد، ڪوڪلو، سماج سندس ڪهاڻين جو موضوع آهي. ڪهاڻي جو فن هن دنيا جي افسانوي ادب جو مطالعو ڪندي هن نئين فني هيئت کي چونڊيو جنهن جو مثال نوويلا جي صنف آهي.

آخر ۾ سندس لکيل ڪهاڻي "پيار جي هڪ ٻي صدي" خوبصورت ۽ پياري ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻي جي لکٽي، گهري

آهي. هي اسلوب رفيق سومري جو آهي جيڪو سندس ڪهاڻين تي ڇانيل آهي جنهن ۾ هن جي شخصيت جو عڪس نظر اچي ٿو. موضوع جي حساب سان ڪهاڻي جو گهاڙيٽو فني جزن سان ٺهڪندڙ ۽ Perfect آهي. ڪهاڻين ۾ محبوبيت جو انداز، شاهه ڀٽائي جي هن بيت سان ڀيٽي سگهجي ٿو.

اکين ۾ ٿي ويهه، واري ڇپر ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان
ڪي پيو.

ڪهاڻي جي فني گرفت ۽ Diction اسلوب جي حوالي سان نهايت ئي هڪ ڪامياب ڪهاڻي آهي. اظهار ڪرڻ وارو طريقو نرگِسيت وارو، رومانوي ۽ احساساتي آهي. جنهن ڪهاڻي کي، نفاست ۽ نازڪ خيالي ڏني آهي.

”غسل خاني ۾ ڪؤنرو اجان تائين اونڌو پيو هو نلڪي جي ٽونٽيءَ مان اجان تائين ڦڙ ڦڙ وهي رهي هئي. ڇا هو ان واقعي تي اجان تائين ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو! اسٽيل جو گلاس هن گهڙي به پلنگ جي پاسي ڪان بيٺل هو. ان رات ڪان ڪيس ننڊ نه آئي هئي درياءَ جي ڇاري تي اڪيل ڪوريئڙي خودڪشي ڪري ڇڏي.“

باندي پيا ولر Summer of Sixty Eight ۾ انسان جو پاڇو ئي ته آهي اهو احساس ڪهاڻين ۾ نمايان آهي ڪهاڻي ۾ ڪٿي ڪٿي تشبيهن جو ورجاءُ پڻ آهي. پهريون به ٽي ڳالهيون هي آهي.

هڪ ته ڪردار جي سونهن مرجان ۽ ياقوت جهڙي آهي جيڪا جهڪي ناهي ٿيٽي. تشبيهن جي ڪوٺ ۾ باليءَ جو ڪردار گهٽي وقت ڪان پوءِ جڏهن هوءَ ڪيس ملي ٿي ته سندس سونهن ميري ٿي چڪي هئي هوءَ شڪل ڪان بي شڪل نظر پي آئي جنهن جي ٿهڪن ۾ به سڏڪو هو تنهن ڪردار لاءِ تشبيهن جي ڪوٺ نه ٿيڻ گهرجي. بالي جڏهن به ڪيس نظر آئي ياقوت مرجان ۽ جل پريءَ جيان نظر آئي. رفيق سومري جي لکڻين تي انگريزي ادب جو گهرو اثر آهي جنهن جا حوالا سندس تحريرن ۾ جا بجا نظر اچن ٿا. ان ڪا علاوه سندس زندگيءَ جي جدوجهد ۽ هلچل لکڻين مان ظاهر آهي پر پنهنجي سڃاڻپ پنهنجي فڪر سان

جوڙي رڪيائين سندس نوويلا جو مکيه مقصد دردن، ڪيفيتن ۽ حادثن جو احوال آهي، سماج جي ننڍي ۾ ننڍي فرد يعني ٻار جي جدوجهد سوچ اڪيلائپ پيار جي ڪوٺ کي بيان ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سندس نوويلا جي هڪ ڪهاڻي ”مرونءَ“ جي عنوان سان آهي جيڪا پڙ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي جيڪا ليکڪ جي سچي ڪيفيتن ۽ سندس ڪردار کي ظاهر ڪري ٿي. ”سرد رات جو سفر“ ۾ دنيا جي ٻين ادبيات جي ڪردارن کي تشبيهه ڏئي ڪهاڻيءَ کي شاهوڪار بڻايو آهي. سندس ڪهاڻيون محسوسات ۽ احساسن جو اظهار آهن. انهن ڪهاڻين ۾ سونهن ۽ حسناڪي آهي زندگيءَ جي تاريڪ پهلوئن ۽ روشنين جون ڪهاڻيون آهن. ڪهاڻين جو انجام نهايت ئي دلپذير ۽ رومانوي آهي. جنهن مان درد اپرندو سنڌوءَ جيان ٻوڙي ٿو ڇڏي مثال هي آهي.

”ريل هلڻ واري هئي. هو الاءِ ڪيئن همت ڪري اچي گاڏي جي در تي بيٺو ۽ هن ڪيس پهريون پيرو لهڻ ۾ مدد ڪئي“[6] افسوس ته هو اجان نوويلا لکي ها ته ڪي درد ونڊي ها ۽ سماج کي آئينو ڏيکاري ها. جمود ۾ ورتل زندگي جي تلاءُ ۾ ڪو ڪنڪر ڦٽو ڪري ها. ڪهاڻي کي اجان نوان موڙ ۽ اهم موضوع ڏي ها. پر زندگيءَ ساٿ نه ڏنس ۽ 6 مارچ 2014ع تي وفات ڪيائين.


حوالا:

1. گوپي چند نارنگ ”روايت اور مسائل“ سنگ ميل پبلي ڪيشنز، چوڪ اردو بازار لاهور، ص 66، سال 2011ع.
2. ساڳيو = ص 66.
3. انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪا.
4. انسان جي ڳولا، (1977ع) مٽي مندو مامرو.
5. سومرو، رفيق، پيار جي هڪ ٻي صدي، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، سال 2011ع، ص 14، 15.
6. ساڳيو = ص 89.
7. سومرو، ادل، ڊاڪٽر، پاڪستاني ادب 1947ع، 2008ع، انتخاب افسانه سنڌي اڪيڊمي ادبيات پاڪستان سال 2010ع، اسلام آباد پاڪستان.
8. ملڪاڻي، منگهارام، سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سال 1943ع، ص 53.

9. جويو محمد ابراهيم، ادب، ٻولي ۽ تعليم. سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سال 2015ع.
10. ”موتي مهراڻ جا“، مرتب، فيروز احمد، نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ سال 1987ع.
11. جويو محمد ابراهيم، ”ماٺهو جو پاڳ“ مارئي اڪيڊمي سال 2004ع.